رگ ويد ۾ سنڌي زبان جا ڪوڙ سارا لفظ موجود آهن. رگ ويد ۾ شامل انهن لفظن کي ماهرن (سنڌي ٻوليءَ کان سنسڪرت لاءِ) اُڌارا يا ورتل (Loaned)لفظ سڏن ٿا.

# سنڌي ٻولي ويدڪ دور کان سنسڪرت سان پوروچوٽ هلندي نج نبار ٻولي طور زنده رهندي آئي آهي!

رگ ويد ۾ پٽي لوڪن يا ماڻهن جو ذڪر موجود آهي، جيڪي سنڌي هئا. رگ ويد ۾ پٽي ماڻهن جو ذڪر هجڻ ۽ ڪم آيل سنڌي ٻوليءَ جا لفظ شامل هجڻ ظاهر ڪري ٿو ته، سنڌي ٻولي ويدڪ دور ۾ موجود هئي ۽ ڳالهائي ويندي هئي.






illustration by kaptan abro

عزيز ڪنگراڻي

سنڌ وانگر سنڌي ٻولي نهايت قديم آهي، پر اڄ تائين اُن قديم ٻوليءَ جي قدامت جي ڪَٿَ ڪنهن بہ نہ ڪئي آهي. مون هڪ مضمون ۾ دليلن سان صرف اهو ثابت ڪيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جون جڙون ويدڪ دور ۾ کُتل آهن، پر سنڌي ٻوليءَ جو سنڌو لکت سان تعلق اڃا تائين معمو آهي. مُهين جي دڙي واري ٻولي يا سنڌو لکت اڄ سُوڌو پڙهي نہ وئي آهي. جيڪڏهن پڙهي وڃي ها تہ خبر پئجي وڃي ها تہ اها لکت سنڌي ٻولي ۾ هئي يا نہ! جيڪڏهن هُئي تہ ان وقت سنڌي ٻوليءَ جي ڪهڙي صورت هئي. ڪير بہ اهو ڳجهہ ڳولي نہ سگهيو آهي. اهو گمان غالب آهي تہ ويدڪ دور کان اڳ بہ سنڌي ٻولي موجود هئي. صرف ويدڪ دور تائين تہ موجود هئي، پر اها اڳ بہ هوندي.

ويدڪ دور 1700 ق. م کان 1100 ق. م تائين ڄاڻايو ويو آهي. ڪن مورخن ويدڪ دور 1500 ق. م يا 1600 ق. م کان 900 ق. م ڄاڻايو آهي. ويدڪ دور کي ويدڪ دور ويدن جي چوڻ سبب سڏيو ويو آهي. انهيءَ دور ۾ ويد چيا ويا هئا. چار ويد چيا ويا، جن ۾ رگ ويد سڀني کان پراڻو آهي. مطلب تہ اول اول رگ ويد چيو ويو. ويد برزبان چيا ويندا هئا. رگ ويد لکت ۾ 200 ق.م ۾ آندو ويو.

رگ ويد ۾ سنڌي زبان جا ڪوڙ سارا لفظ موجود آهن. رگ ويد ۾ شامل انهن لفظن کي ماهرن (سنڌي ٻوليءَ کان سنسڪرت لاءِ) اُڌارا يا ورتل (Loaned)لفظ سڏن ٿا. اهي لفظ هي آهن: پپر (وڻ)، راجا". (32)، ڦَلُ (ميوو)، ڪَرُ (دشمن؟)، ڪِري (پرهيز)، ڪِرڙُ (وڻ جو قِسم)، ڪُلِ (سپ)، ڪُونرُ (ٽڪر جي ٿانوَ جو قسم)، ڪُوندو، نَلُ (پائيپ ۽ نڙُ)، ڪاٺو، ڏنڊا، ڏَنڊو، ٻِلُ (سگهہ)، ٻِرُ (ڏَرُ)، مَيَرُ (مور)، ڪَٽُ يا ڪَٽو مرگ (مرگهہ، هرڻ) ۽ ناگ (نانگ)... اهڙا ڪوڙ لفظ رگ ويد ۾ هوندا، پر رگ ويد جي غور سان مطالعي جي گهرج آهي.

ٻئي طرف رگ ويد ۾ پٽي لوڪن يا ماڻهن جو ذڪر موجود آهي، جيڪي سنڌي هئا. رگ ويد ۾ پٽي ماڻهن جو ذڪر هجڻ ۽ ڪم آيل سنڌي ٻوليءَ جا لفظ شامل هجڻ ظاهر ڪري ٿو تہ، سنڌي ٻولي ويدڪ دور ۾ موجود هئي ۽ ڳالهائي ويندي هئي.

ويدڪ دور کان پوءِ هڏومت جي ڏند ڪٿائي دور (Epic period)جي ڪهاڻين ۾ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ ملن ٿا. اهو دور اٽڪل 800 ق. م کان 600 ق. م ڄاڻايو ويو آهي. 600 ق.م کان پوءِ پٽي يا پٽٽي سنسڪرت جو گرامر لکيو، جنهن ۾ بہ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ موجود آهن. محققن جو چوڻ آهي تہ پٽي سنڌي هو، جنهن جي نسلي نسبت ويدڪ دور جي پٽي لوڪن سان هئي. پٽي سنڌي هو، پر سنسڪرت درٻاري يا مٿئين طبقي جي ٻولي هئي، جنهنڪري سنسڪرت جو گرامر لکيائين. ممڪن آهي تہ هن سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ڪجهہ لکيو هجي، پر وقت ۽ حالتن جي الٽ پلٽ ۾ اهو مواد گم ٿي ويو هجي.

سنسڪرت درٻار جي جهول ۾ ۽ سنڌي ٻولي عوام جي جهول ۾ پلجندي ۽ نپجندي رهي. سنڌي ٻولي ويدڪ دور کان سنسڪرت سان پوروچوٽ ارتقائي مرحلن مان گذرندي نج نبار ٻولي طور زنده رهندي آئي. ان ۾ تبديلي ضرور ٿيندي آئي هوندي. صرف شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ٻولي تي غور ڪيون ٿا تہ، شاهہ سائينءَ جي دور جي ٻولي ۽ موجوده دور جي ٻولي ۾ وڏو فرق نظر اچي ٿو. سنڌي ٻولي قوم يا قبيلي هجڻ ڪري غرق نہ ٿي. اڄ سنسڪرت صرف ڪتابن يا تحقيقي ڪم جي صورت ۾ موجود آهي، پر سنڌي ٻولي قوم جي ٻولي هئڻ ڪري ويدڪ دور کان وٺي اڄ تائين شاهوڪار ٻوليءَ جي روپ ۾ موجود آهي.

ٻين ٻولين جي اثرهيٺ لفظ وٺڻ ۽ ڏيڻ شاهوڪار ٻوليءَ جي اهم خوبي آهي، جيڪا خصوصيت سنڌي ٻولي ۾ بہ موجود آهي. ٻين ٻولين جا لفظ پنهنجا ڪرڻ سان ٻوليءَ ۾ وسعت پيدا ڪري ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي، فارسي، تُرڪيءَ انگريزي ٻولين جا لفظ شامل آهن، جيڪو هڪ مثبت عمل آهي، پر موجوده دور ۾ سنڌي ٻولي بگاڙ جو شڪار آهي. اسان جا چڱا ڀلا ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو بہ ان بگاڙ يا غلط اثر جو شڪار آهن، خاص طور هندي فلمون ڏسڻ ۽ اردو زبان جي منفي اثرهيٺ سنڌيءَ کي بگاڙيو ويو آهي. انهيءَ بگاڙ جو شڪار سنڌي چينل بہ آهن، تہ عام واهپي هيٺ اڪثر شهري ماڻهو بہ پنهنجي ٻوليءَ جي بگاڙ جو شڪار آهن. اسان جو نوجوان انهيءَ بگاڙ جو گهڻو شڪار آهي. مثال طور منهنجو دل، منهنجي آواز وغيره ٻوليءَ جو بگاڙ آهي. دل کي مذڪر ۽ آواز کي مونث چوڻ يا لکڻ؛ ٻولي کي بگاڙيندڙ اثر آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ دل مونث ۽ آواز مذڪر آهي. اردو ۽ هندي زبانن جو اهڙي ريت اثر وٺڻ بگاڙ ۾ شامل آهي. بگاڙ جي اهڙي صورت کي ختم ڪرڻ لاءِ مهم هلائڻ جي ضروت آهي. ريڊيو ۽ ٽي وي جي پروگرامن ۽ اخبارن ۾ ليک لکڻ ذريعي انهيءَ بگاڙ کي ختم ڪري سگهجي ٿو. اهڙا سيمينار ڪوٺايا وڃن، جن سان اها بگاڙ ختم ٿي سگهي ٿي. ■